“كان سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي تنظيمن ئهڻ جي شروعات ٿي. هي اهو زمانو آهي، جڏهن ” ميڪس ڊينسو هال 1884 ڪراچيءَ ۾ لائبرري ۽ لٽرري سوسائٽي قائم ڪئي وئي. پادري بئمبرج ان جو باني هئو ۽ هو چاهي پيو ته سنڌين ۾ هڪ طرف ادبي ذوق ۽ مطالعي ڪي پروان چاڙهيو وڃي ۽ ٻئي طرف پنهنجي ڪرسچن مذهب ۽ تهذيب بابت ۾ محسوس ڪرائڻ کان سواء تبليغ ڪئي وڃي. جيئن پرمانند ميوارام پنهنجي ” جوت “ اخبار ذريعي پوء اهڙو ڪم ڪري ڏيکاريو.

کان پوء اڻ-ڳڻيون ادبي تنظيمون سنڌ ۾ قائم ٿيون. جڏهن ” جميعت الشعراء “ اندروني اختلافن سبب پوئين 1885 پساهن ۾ آئي ته انهن حالتن ۾ ” يزم طالب المولا“ جو جنم ٿيو. هن تنظيم جو باني مخدوم طالب المولا نه فقط پنهنجي وجود ۾ هڪ مڪمل انجمن هو، پر هن ڪيترين علمي ۽ ادبي تنظيمن جي قيام ۽ ڪارڪدگيءَ ۾ آدرشي ڪردار ادا ڪيو.

بزم طالب المولا“ هڪ طرف ” جميت الشعراء “ جي غير فعاليءَ واري خال ڪي پريو ۽ ٻئي طرف درگاه حضرت مخدوم “ ” نوح عليه رحمت جي ادبي ذوق رکندڙ مريدن ۽ معتقدن ۾ ادبي ۽ ثقافتي روح ڦوڪيو. نتيجي ۾ سنڌ جي طول و عرض ۾ بزم طالب المولا“ جون شاخون قائم ٿيون ، جتي علم و ادب جي آبياري ٿيڻ لڳي. هن بزم جي سرپرستيءَ ۾ اڻ-ڳڻيا مشاعرا ٿيا ۽ ڪانفرنسن جو انعقاد ٿيو. مني صديءَ کان به مٿي جي عرصي ۾ ” بزم طالب المولا“ فقيدالمثال علمي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏنيون.

اها وقت جي تقاضا هئي ته ” بزم طالب المولا“ جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ ڪي تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪيو وڃي. مان جڏهن سنڌالاجيءَ ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر هئس ته مخدوم جميل الزمان جي قرب ۽ عنايتن سان سنڌن ڏاڏا سائين جي ويجهو ٿيس ۽ ” بزم طالب المولا “ جي قيام ۽ ڪارڪدگيءَ جي ڊاڪيومينٽيشن ڪرڻ جي رٿ پيش ڪيم. پاڻ انسان-شناس ۽ وڏي علمي بصيرت جا مالڪ هئا. ان ڪري اهو منهنجي سهولت لاء مناسب ڄاتائون ته مون ڪي “بزم طالب المولا “ ۾ شريڪ ڪيائون ۽ ڪيترو وقت سيڪريٽري به ٻڌايائون ته جيئن آئون ” بزم“ جي اندروني ڪهاڻيءَ کان واقف ٿي سگهان ۽ ان جي روشنيءَ ۾ ” بزم طالب المولا “جي ڊاڪيومينٽيشن جي منصوبه بندي به ڪري سگهان.

ڪنهن به تنظيم جي تاريخ مرتب ڪرڻ کان اڳ اهو تمام ضروري آهي ته ان بابت مواد ۽ معلومات گڏ ڪجي ۽ خاص طور تي هنن پهلوئن تي توجهہ ڏجي:

1. شروعاتي آئين ۽ ان کان پوء وقت به وقت ترميم ۽ تبديل ٿيندڙ آئين،

2. سووينئرس، رپورٽون ۽ قيام خواه ڪارڪدگيءَ سان لاڳاپيل ڇپيل مواد، پوسٽر، پمفليٽ ۽ ڪتابڙا،

3. بانيءَ، عهديدارن ۽ ميمبرن جا ڪوائف ناما،

4. مرڪز ۽ شاخن جي گڏجاڻين جون ڪاروايون،

5. وڏن مشاعرن، سيمينارن ۽ ڪانفرسن جون ڪاروايون ۽ احوال،

6. فوٽو گرفس

7. ٻين ادبي تنظيمن ۽ شخصيتن سان تيل خط و ڪتابت.

8. تنظيم جي ڪرانالاجي يا واقعاتي تاريخ.

مواد جي اها ميڙ سهيڙ وقت وٺندڙ ۽ محنت وارو ڪم آهي، ۽ اهو سمورو مواد گهٽ ۾ گهٽ ڇهن جلدن ۾ ڇپائي سگهبو.

منهنجي سالن جي تمنا هئي ته هن پراجيڪٽ تي آئون ڪم ڪريان. انهئ حوالي سان مون مواد به چڱو خاصو گڏ ڪري ورتو آهي. ان ڪري مناسب ڄاتم ته ڇپائئ واري ڪم جي شروعات ڪجي. هن پهرين جلد سان بسم الله ڪجي ٿي. هن پهرين جلد ۾ ڪجهہ اهڙا دستاويزات ڏنا ويا آهن، جيڪي بزم طرفان لکيا ۽ ڇپيا ويا ۽ انهن جي تحقيقي ۽ تاريخي اهميت آهي.

ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

باني گل حيات انسٽيٽيوٽ

خير محمد آريجا

آگسٽ 2020 14